

# جنتر يا ڍانچو -Sesbania

## زمين:

جنتر جو فصل هر قسم جي زمين ۾ پوکيو وڃي ٿو. جنهن ۾ سم ۽ ڪلر واريون زمينون اچي وڃن ٿيون. جڏهن تہ چيڪي ۽ لٽياسي زمين ۾ بہ هي فصل پوکي سگهجي ٿو. عام طور هي فصل ڪلراٺي زمينن ۾ ئي پوکيو ويندو آهي.

## زمين جي تياري:

هن فصل جي پوکيءَ لاءِ زمين کي 2 کان 3 سڪيءَ جا هر ڏئي سانهر يا پاٽيو گهمائي سنوت ۾ آڻجي. زمين ۾ پتر هجن تہ اهي پيجي چڙڻ گهرجن ۽ بعد ۾ پوکي ڪجي.

## پوکيءَ جو وقت ۽ طريقو:

هي فصل سنڌ ۾ مارچ کان جولاءِ تائين پوکي سگهجي ٿو. عام طور تي جنتر جي پوک ڇٽ ذريعي ڪئي وڃي ٿي. جنهن جو ٻج ٻينل پاڻي ۾ هٿ سان ڇٽ ڪجي.

## ٻج جو مقدار:

هن فصل لاءِ عام طور تي ٻج جو مقدار 12 کان 30 ڪلوگرام في ايڪڙ استعمال ڪجي. جيڪڏهن جنتر ٻج لاءِ پوکجي تہ ٻج جو مقدار 12 ڪلوگرام ۽ مال جي چاري لاءِ يا سائي ڀاڻ لاءِ پوکجي تہ پوءِ 20 کان 30 ڪلوگرام في ايڪڙ ٻج استعمال ڪجي. جڏهن تہ ٻج جو مقدار زمين جي قسم ۽ آبهوا جي لحاظ مطابق گهٽائي ۽ وڌائي سگهجي ٿو.

## ڀاڻ ڏيڻ:

عام طور تي هن فصل ۾ ڀاڻ استعمال نٿو ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ تہ جنتر ۾ نائٽروجن جي جمع ڪرڻ واري صلاحيت وڏيک آهي.

## پاڻي ڏيڻ:

جنتر جي پوک ڇٽ ذريعي ٻينل پاڻيءَ ۾ ڪئي وڃي ٿي. هن فصل کي پوکيءَ بعد پهريون پاڻي 30 ڏينهن بعد ڏنو وڃي ۽ باقي ٻيا رهيل پاڻي 15 ڏينهن جي وقفي بعد ڏجن. گندگاهہ جون پاڙئون هٿ سان ڪڍجن.

## پيداوار:

هن فصل مان سائو گاهہ 350 مڻ في ايڪڙ ۽ ٻج 12 مڻ في ايڪڙ ملي ٿو.

آءِ سي ٽي زرعي توسيعي مرڪز
ڊائريڪٽوريٽ جنرل زرعي توسيع، زراعت کاتو حڪومتِ سنڌ
ICT Agricultural Extension Services Center, Directorate General Agriculture Extension, Agriculture, Supply & Prices Department Government of Sindh, Block-F, Shahbaz Building Hyderabad.
Helpline: +92 3111646111 Email: ictagriextensionsindh@gmail.com
www.ictagrisindh.gov.pk